# شيعہ مان
# سُني ٿي ويو
# ادا ڪيئن ٿيو؟

مؤلف
عبدالرحيم پُٺو

ناشر
سني سجاڳ پبلشر

بِاِسۡمِهٖ تَعَالٰى

وَالَّذِيۡنَ جَاهَدُوۡا فِيۡنَا لَنَهۡدِيَنَّهُمۡ سُبُلَنَا (القرآن)

۽ جن اسان جي واٽ ۾ ڪوشش ڪئي تن کي ضرور پنهنجون واٽون ڏيکاريندا سون.

## شيعہ مان

# سُني ٿي ويو

## ادا! ڪيئن ٿيو؟

مؤلف

عبدالرحيم پٿو

ناشر

سني سجاڳ پبلشر

# تقريظ

## شيخ التفسير، قطب الاقطاب، استاذالعلماء
## حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب قريشي رحمة الله عليه
## (پيرشريف)

بسم الله الرحمن الرحيم

ڪتاب جي ڪجهن حصن جو مطالعو

جنهن دليلن تي موقوف هوندي

آهي ان ڪري بحث نهايت

مدلل آهي دعا آهي ته

الله تعاليٰ هن کي هدايت

جو سبب بنائي آمين

فقير عبدالڪريم از پير

۱۸ ربيع الثاني ۱۴۱۸

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ اَجۡمَعِيۡنَ۔

ڳوٺ عمراڻيءَ ۾ عمر نالي هڪ سُني عالم ٿي گذريو آهي، ان ڳوٺ ۾ ڏيکڻ فقير نالي سندس هڪ دوست هو، جنهن ذاڪر زِيپَٽَ جي صحبت ۾ اچي، شيعو مذهب اختيار ڪيو ۽ هن مولوي عمر وٽ اچڻ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو. هڪ ڀيري ڏيکڻ فقير ڪنهن ڪم سان مولوي صاحب جي اوطاق تي آيو ۽ اچي چيائين "ياعلي مدد!" مولوي صاحب ته ڪجهه ئي ڪونه. پر فقير جي ڪچڻ تي ٻئي مذهبي بحث ۾ اچي اَٽڪيا. مولوي صاحب هڪ وڏو مُناظِر عالم هو، تنهن دلائل سان فقير کي قائل ڪري وڌو. آخر نتيجو اهو نڪتو، جو ڏَيکڻ فقير شيعه مذهب کان توبهه ڪري، سُني مذهب اختيار ڪيو. اهو دلچسپ گفتگو هن رسالي ۾ فرضي نالا رکي، سمجهائڻ خاطر پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو ته جيئن حق ۽ باطل جو اظهار ٿئي.

ذاڪر جو اصل نالو لونگ هو پر ماڻهو ڪيس زِيپَٽ ڪوٺيندا هئا.

عبدالرّحيم پنو

**ڍڪڻ فقير:** "مُلان! ياعلي مدد!" (مولوي مانڻ ڪيو وينو آهي ڪُڇي نہ پُڇي، پر فقير ڪيس چيو) ڀلا سلام جو جواب نہ مليو ڪاوڙ آهي ڇا؟

**مولوي:** "فقير! مان توکي ڪهڙو جواب ڏيان." ياعلي مدد چوڻ بہ سلام آهي ڇا؟

**فقير:** ڀلا السّلام عليڪم ياعلي مدد تہ سلام آهي؟

**مولوي:** سلام ۾ "ياعلي مدد" نہ وڌاءِ. جي توکي وڌائڻو آهي تہ "وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ" وڌاءِ.

**فقير:** "اڙي انڌير تہ ڏسو! مان سلام ۾ "ياعلي مدد" وڌايان ٿو تہ مُلان ناراض ٿو ٿئي ۽ پاڻ وري "وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ" وڌائي ٿو.

**مولوي:** فقير! مان اهي الفاظ پنهنجي طرفان نہ وڌايا آهن پر حديث جي ڪتابن صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ اهي آيل آهن.

**فقير:** "مُـلان! مانڻ ڪر" مان تنهجي صحيح بخاري ۽ مسلم ڪي نہ مڃان. مون کي پنهنجي (شيعہ) مذهب جو ڪو معتبر ڪتاب ڏيکار، جنهن مان امام معصومؒ جي قول سان ان سلام جي ثابتي ملي وڃي تہ پوءِ مان مڃيندس.

**مولوي:** فقير ڇڱو هي ڏس ڪتاب اصول ڪافي، جيڪو تنهجي مذهب جي حديث جو معتبر ڪتاب آهي. ان ڪتاب لاءِ ٻارهين امام مهدي جو قول آهي: "هٰذَا كَافٍ لِشِيْعَتِنَا" يعني هي اسان جي شيعن لاءِ ڪافي آهي. هاڻي جنهن ڪتاب جي تصديق امام معصوم ٿو ڪري، ان ۾ حسن بن مُنذر کان روايت آهي چيائين تہ مان امام جعفر صادقؒ کان ٻڌو، فرمايائين:

مَنْ قَالَ: اَلسَّلَا مُ عَلَيْكُمْ فَهِيَ عَشَرَةُ حَسَنَاتٍ وَمَنْ قَالَ: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ فَهِيَ عِشْرُوْنَ حَسَنَةً وَمَنْ قَالَ: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ فَهِيَ ثَلَاثُوْنَ حَسَنَةً۔

(اصول ڪافي ج٢ ص٦٤٥، باب التسليم)

جنهن "اَلسَّلَا مُ عَلَيْكُمْ" چيو ان لاءِ ڏهہ نيڪيون آهن ۽ جنهن "اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ" چيو تہ ان لاءِ ويهہ نيڪيون آهن ۽ جنهن "اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ" چيو تہ ان لاءِ ٽيهہ نيڪيون آهن.

**فقير:** برابر! ڪتاب اصول ڪافي اسان جي مذهب جو معتبر ڪتاب آهي. هاڻي اهو ڪتاب ڏي ته مان ذاڪر زِيبِيَڻ کي ڏيکاريان ته اُهو ان روايت بابت ڇا ٿو چوي. (هي ڪتاب کڻي ذاڪر ڏانهن وڃي ٿو. ذاڪر روايت پڙهي فقير کي چيو)

**ذاڪر:** اڙي ڍَڪڻ فقير! تون اسان کي ڇڏي مولوي عمر جي صحبت ۾ آيو آهين ڇا؟ جنهن توکي ڪاري ڇڏيو آهي. هاڻي مولويءَ کي وڃي چئو، ته پنهنجو نالو مٽائي، اهو علي جي دشمن جو نالو آهي.

**فقير:** ذاڪر! ان روايت جو جواب ڏي ٽال مَٽول نہ ڪَر. ان روايت ۾ "ياعلي مدد" ته ڪونهي.

**ذاڪر:** فقير! لکيل برابر ڪونهي، پر محبت ۾ چوڻ جائز آهي.

**فقير:** ذاڪر! اسان جو امام جعفر صادقؒ حضرت علي رضي الله عنه جي اولاد مان آهي، پلا ان محبت ۾ اهي الفاظ ڇونہ وڏايا؟ ڇا اسان امام کان وڌيڪ محب آهيون؟ جڏهن ته اسان جعفري به سڏايون ٿا، ته اسان کي سلام اهو قبول ڪرڻو آهي، جيڪو امامؒ ڏسي، بس هاڻي منهنجو سلام اهو آهي، جيڪو اصول ڪافيءَ ۾ آهي. (ذاڪر جواب نٿو ڏئي، فقير اُتان اُٿي مولوي صاحب ڏانهن اچي ٿو)

**فقير:** مولوي صاحب! اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ

**مولوي:** وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ فقير! ذاڪر ڇا چيو؟

**فقير:** سائين! ڳالهہ نہ پُڇ! ذاڪر جا چَپ چِپ جهڙا ۽ مُنهن مِٽيري جهڙو ٿي ويو. ايترو قبول ڪيائين ته روايت ۾ "ياعلي مدد" لکيل ڪونهي، پر محبت ۾ چوڻ جائز آهي. مان ڪيس ان جو خوب جواب ڏنو پر ذاڪر آهي ضدي، الله ٿئيس هادي.

**مولوي:** فقير! توکي جَس هجي، جو تو حقُ قبول ڪيو آهي. باقي ذاڪر زيبڻ جا ته پِرڪار ڏٺئي.

**فقير:** سائين! حق جي ڳالهه تہ قبول ڪرڻي آهي. پر ذاڪر جو وري توهان جي نالي تي اعتراض آهي تہ اهو نالو عليؓ جي دشمن جو آهي سو مولويءَ ڪي مٽائڻ گهرجي.

**مولوي:** ڏِڪڻ! ذاڪر وڏو جاهل آهي. جو ڪيس پنهنجي مذهب جي ڪتابن جي بہ خبر ڪانهي. حضرت علي المرتضيٰؓ پنهنجي اولاد جا نالا ٽن خليفن جي نالن جهڙا ابوبڪر، عمر ۽ عثمان بہ رکيا آهن ٻين امامن سڳورنؒ بہ پنهنجي اولاد تي اهڙا نالا رکيا آهن. جيڪڏهن حضرت عليؓ جي ٽن خليفن سان محبت ۽ سڪ وارو سلوڪ نہ هجي ها تہ اهو پنهنجي اولاد تي اهي نالا هرگز نہ رکي ها. ڪو بہ ماڻهو پنهنجي دشمن جو نالو اولاد تي هرگز نہ رکندو. توکي معلوم آهي تہ "شمر" امام حسين جو قاتل ۽ دشمن آهي. تہ ڇا ذاڪر پنهنجي اولاد تي اهڙو نالو رکڻ پسند ڪندو؟ هرگز نہ.

**فقير:** سائين! توهان تہ رڳو ڳالهه ڪئي، پر منهنجي دل جو خدشو تہ نڪتو ئي ڪونہ. مون کي شيعہ مذهب جي ڪتابن مان ثابت ڪري ڏيکار تہ امامن سڳورنؒ پنهنجيءَ اولاد تي ابوبڪر، عمر ۽ عثمان نالا رکيا آهن.

**مولوي:** بيشڪ! توکي ثابت ڪري ٿو ڏيکاريان. هي منهنجي سامهون شيعہ مذهب جا معتبر ڪتاب موجود آهن. هيٺئر انهن مان نالن جو تفصيل ٻڌ:

❶ حضرت علي ڪَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَہٗ جي ٽن پٽن جا نالا ابوبڪرؒ، عمرؒ ۽ عثمانؒ هئا. ابوبڪرؒ جي والده ليليٰ بنت مسعود هئي. عمرؒ جي والده ام حبيبہ بنت ربيعہ ۽ عثمانؒ جي والده ام البنين بنت حزام هئي. ابوبڪرؒ، عمرؒ ۽ عثمانؒ پنهنجي ڀاءُ امام حسينؓ سان گڏ ڪربلا ۾ شهيد ٿيا آهن. هاڻي هي شيعن جا معتبر ڪتاب ڏس جن ۾ تصريح ٿيل آهي:

تَنْقِيْحُ الْمَقَالِ فِيْ عِلْمِ الرِّجَالِ ج ٣ ص ٥ ۽ ج ٢ ص ٣٤٦ اهو شيعن جي اسماءُ الرّجال جو معتبر ڪتاب آهي. ڪشف الغمہ ج١ ص ٤٤٠، ج٢ ص ٥٩، جلاءُ العيون ج١ ص ٥٧٠. عمدة الطّالب ص٣٦١، منتهي الآمال ج١ ص٣٨٢، مناقب آل ابي

طالب ج۴ ص۱۱۲. الارشاد شيخ مفيد باب ذڪر اولاد اميرالمؤمنين ص۱۸٦ مطبوعہ ايران. چوده ستاري ص۲۵۰.

❷ حضرت امام حسن ﷺ جي اولاد مان ٻن پٽن جانالا ابوبڪرؓ ۽ عمرؓ هئا. جلاّء العيون ج۱ ص۵۸۲. منتهي الأمال ج۱ ص۲۴۰. ڪشفُ الغمہ ج۱ ص۵۷۵. مناقب أل ابي طالب ج۴ ص۲۹. ناسخ التواريخ ج۲ ص۲۵. الانوار النعمانيہ ج۳ ص ۲٦۳.

❸ حضرت امام حسين ﷺ جي هڪ فرزند جونالو عمرؓ هو. جلاء العيون ج۱ص ۵۸۲. مناقب أل ابي طالب ج۴ ص۱۱۳.

❹ امام زين العابدين ﷺ جي هڪ فرزند جو نالو عمر هو. هي ڏس ڪشف الغمہ ج۲ ص۸۲. عمدة الطالب ص۱۹۴. الانوار النعمانيہ ج۱ ص۳۷۵. تنقيح المقال ج۲ ص۳۴٦. الارشاد شيخ مفيد ص ۲٦۱ مطبوعہ ايران.

❺ حضرت امام باقرؒ جي هڪ پٽ جو نالو "عمرؓ" هو. هي ڏس! شيعن جو معتبر ڪتاب عمدة الطالب ص۱۹۴. مصنف سيد جمال الدين (وفات سن ۸۲۸ھ)

❻ حضرت امام موسيٰ ڪاظمؒ جي هڪ پٽ جو نالو "عمرؓ" هو. ڏس ڪشف الغمہ ج۲ ص۲۱٦. پر سندس هڪ نياڻيءَ جو نالو "عائشہؓ" بہ هو. هي پڙهي ڏس! عمدة الطالب ص ۱۹۷ منتهي الأمال ج۲ ص۲۲۳. الانوارالنعمانيہ ج۱ ص۳۸۰ .

❼ حضرت امام علي رضاؒ جي هڪ نياڻيءَ جو نالو عائشہؓ بہ هو. ڏس! ڪشف الغمہ ج۱ ص۲٦۷. ان ڪانسواءِ حضرت علي ﷺ جي ڀائٽي عبدالله بن جعفر بن ابي طالبؓ جي هڪ پٽ جو نالو ابوبڪرؓ هو. ڪتاب ناسخ التواريخ ج۴ ص ۲۹ مصنف مؤرخ مرزا محمد تقي سپر.

**مولوي :** فقير! هاڻي ڇا ٿو چوين توهان جي مذهبي ڪتابن توهان جو ڪم لاهي ڇڏيو. امامن سڳورنؒ پنهنجي اولاد تي اهڙا نالا رکي ٽن خليفن کي يادگيريءَ ڪان نہ وساريو. بلڪ اولاد تي اهڙا نالا رکي ثابت ڪري

ڏيکاريائون تہ اسان کي انھن بزرگن جي برڪت، فضيلت، عزت ۽ عظمت جو اقرار آھي.

**فقير:** مار! واہ واہ!!! ايترا حوالا ھُڏي منھنجا تہ ڪاپاٽ ئي کلي ويا. سائين! ھاڻي جلدي ڪر! مون کي اھي ڪتاب ڏي تہ ذاڪر زيِپَٽ ڏي کڻي وڃان ۽ کيس اھي حوالا ڏيکاريان. (فقير ڪتاب کڻي ذاڪر ڏانھن وڃي ٿو.)

**فقير:** ذاڪر! ھي مان مولوي عمر وٽان شيعہ مذھب جا معتبر ڪتاب کڻي آيو آھيان. جن ۾ ثابت آھي تہ حضرت علي رضي الله عنه ۽ ٻين امامن سڳورنؒ پنھنجي اولاد تي ابوبڪرؓ، عمرؓ ۽ عثمانؓ نالا رکيا آھن. ھي ڪتاب ڏس!

**ذاڪر:** اڙي فقير! وري ڪتابن ۾ ڪاھي پئين ڇا؟ بابا توکي ڪھڙي خبر ڪتابن جي. "مان نہ ڏسندس". مان تہ اڳيئي چيو آھي تہ توکي مولوي عمر پنھنجي مذھب کان ڦيري ڇڏيو آھي.

**فقير:** ذاڪر! مان پنھنجي مذھب کان ڦريو نہ آھيان. البت تنھنجا اھي پرڪار مذھب ڇڏائيندا. جڏھن تہ امامن سڳورنؒ پنھنجي اولاد تي اھي نالا رکيا آھن. تہ پوءِ اسين بہ پنھنجي اولاد تي اھڙا نالا ڇونہ رکون؟ (ذاڪر ڪاوڙجي وڃي ٿو ۽ کيس نڪرڻ لاءِ چوي ٿو)

**ذاڪر:** فقير! نڪري وڃ. عليءَ جي اولاد جا دشمن مون وٽ نہ ايندو ڪر.

**فقير:** ذاڪر! خيال سان ڳالھاءِ. عليؓ ۽ ان جي اولاد جو دشمن تون آھين. ڪنھن مجلس يا موقعي تي تو انھن جي نالا ٻڌايا آھن؟ ڇو؟ عليؓ جي اولاد جا نالا لڪائڻ اِھا ان سان دشمني نہ آھي ڇا؟ اُھي شھزادا ڪربلا ۾ پنھنجي پياءُ امام حسين رضي الله عنه سان گڏ شھيد ٿيا آھن. پوءِ پلا انھن جا نالا وٺي ڪڏھن بہ سندن ذڪر خير ڪيو اٿوَ؟ ڇا اُھي اھل بيت مان نہ آھن؟ ڇا اُھي شھيد نہ آھن؟ (فقير اتان ڪاوڙجي مولوي صاحب وٽ اچي ٿو)

**فقير:** مولوي صاحب! اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ

**مولوي:** وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ فقير ڏي خبر! ذاڪر ڇا چيو؟

**فقير:** سائين! ذاکر ڪاوڙجي ويو. ڪتابن ڏسڻ کان ته اصل ڪيائين انڪار ۽ چيائين ته مون وٽ نه ايندو ڪر. آءٌ به اڳتي ان جي در تي نه ويندس. بس هاڻي اوهان جي تحقيق مون لاءِ ڪافي آهي. سائين! دُعا ڪريو منهنجي گهرواري "حامله" آهي. جي مون کي پٽ ڄائو ته ان جو نالو "عمر" رکندس ۽ جي نياڻي ڄائي ته ان جو نالو "عائشه" رکندس. اهي چڱا ۽ عزت وارا نالا آهن، تڏهن ته امامن سڳورنؒ پنهنجي اولاد تي اهي نالا رکيا آهن.

**مولوي:** شاباس! توکي حق جي تڙپ آهي. اِن شاءَالله حق تي پهچي ويندين.

**فقير:** سائين هاڻي مهرباني ڪري شيعن جي ڪتابن مان ٽن خليفن ابوبڪرؓ، عمرؓ ۽ عثمانؓ جي فضيلت جي باري ۾ ڪجھ ٻڌاءِ ته جيئن دل جو خدشو ئي لهي وڃي.

**مولوي:** فقير! هي ڏس منهنجي هٿ ۾ شيعن جو معتبر ڪتاب "شافي" آهي. جنهنجو مصنف شيخ مفيد جو وڏو شاگرد سيّد شريف مرتضيٰ علم الهديٰ آهي. ان ۾ روايت آهي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ عَلِيًّا عَلَيۡهِ السَّلَامُ قَالَ فِيۡ خُطۡبَتِهٖ خَيۡرُ هٰذِهِ الۡاُمَّةِ بَعۡدَ نَبِيِّهَا اَبُوۡبَكۡرٍ وَّعُمَرَ (شافي ج۲ ص۴۲۸ طبع ايران) | حضرت علي رضي الله عنه پنهنجي خطبي ۾ فرمايو ته نبي ڪريم عليه السلام کان بعد هن امت جا ڀلا (انسان) ابوبڪر ۽ عمر آهن. |

**فقير:** سبحان الله! جڏهن حضرت عليؓ کي اهو اقرار آهي ته پوءِ اسان کي ڇو انڪار آهي. مولوي صاحب! ڀلا اهڙي روايت سُنين جي ڪتابن ۾ به آهي؟

**مولوي:** فقير! بخاري شريف ۾ اهڙي روايت ملي ٿي پر تون مڃيندين ئي ڪونه.

**فقير:** مڃا سائين! ڇونه مڃيندس. جڏهن ته سُني شيعه طرفين جي ڪتابن ۾ روايت آهي ته ضرور مڃڻي پوندي.

**مولوي:** هي منهنجي هٿ ۾ بخاري شريف آهي. حضرت عليؓ جو فرزند محمد بن حنفيہؒ روايت ٿو ڪري تہ:

قَالَ قُلْتُ لِاَبِيْ اَيُّ النَّاسِ خَيْرٌ بَعْدَ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ اَبُوْبَكْرٍ قُلْتُ ثُمَّ مَنْ، قَالَ عُمَرَ

(بخاري فضائل ابي بڪرؓ)

چيائين تہ مان پنهنجي پيءُ (عليؓ) کي چيو تہ رسول الله ﷺ کان بعد سڀني ماڻهن ۾ ڀلو ڪير آهي. فرمايائين ابوبڪرؓ مون پڇيو (تہ) پوءِ ڪير فرمايائين تہ عمرؓ.

**فقير:** واهہ واهہ!! مولوي صاحب دل ٺاري ڇڏيئي، دشمن جي دل ڳاري ڇڏيئي...... منهنجا سائين ڪجھ تہ ٻڌاءِ.

**مولوي:** هي ڏس شيعہ مذهب جو معتبر ڪتاب احتجاج طبرسي ان ۾ امام محمد باقرؒ کان روايت آهي. فرمايائين:

لَسْتُ بِمُنْكِرٍ فَضْلَ اَبِيْ بَكْرٍ

(احتجاج طبرسي ج٢ ش٤٤٦ ايران)

مان ابوبڪرؓ جي فضيلت جو منڪر نہ آهيان.

انهيءَ ڪتاب جي ج٢ ص٤٤٧ ۾ آهي:

لَسْتُ بِمُنْكِرٍ فَضْلَ عُمَرَ وَلٰكِنَّ اَبَابَكْرٍ اَفْضَلُ مِنْ عُمَرَ

(احتجاج طبرسي ج٢ ش٤٤٧ ايران)

مان عمر جي فضيلت جو منڪر نہ آهيان. پر (ايترو آهي تہ) ابوبڪرؓ عمرؓ کان افضل آهي.

فقير ڏس! امام باقرؒ هنهي جي فضيلت جو قائل آهي.

**فقير:** بَلي بَلي.... واهہ سائين واهہ!! هيڏي معتبر ڪتاب احتجاج طبرسي ۾ امامؒ جو اهو فيصلو ۽ عقيدو موجود آهي، تہ پوءِ اسان ڪي بہ ابوبڪرؓ ۽ عمرؓ جي فضيلت جو انڪار ڪرڻو نہ آهي. ڀلا سائين توهان سُني حضرت ابوبڪرؓ کي "صديق" ڇو سڏيندا آهيو؟ اهل بيت کان بہ اهڙي ڪا روايت آهي، جن ڪيس صديق سڏيو هجي.

**مولوي:** واهہ جو سوال ڪيو اٿئي. خود رسول الله ﷺ، امام باقرؒ ۽ امام جعفر صادقؒ ڪيس "صديق" جهڙو سهڻو لقب ڏنو آهي. شيعن جي معتبر ۽

چوٿيءَ جي تفسير قميءَ ۾ "اِذۡھُمَا فِی الۡغَارِ" جي واقعي ۾ حضرت امام جعفر صادقؓ کان هڪ روايت نقل ٿيل آهي ان ۾ هي الفاظ آهن:

| | |
|---|---|
| فَقَالَ لَهُ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَنْتَ الصِّدِّيْقُ | پوءِ رسول الله ﷺ ابوبڪرؓ کي فرمايو "تون صديق آهين." |

هي آهي سيّدالمرسلين ﷺ جو فيصلو جنهن حضرت ابوبڪرؓ کي اهڙي خوف ۽ خطري واري جاءِ ۾ "صديق" ڪوٺيو آهي. قرآن مجيد جي روءِ سان نبين کان بعد صديقن جو درجو آهي.

**فقير:** سائين! امام باقرؒ کان به اهڙي روايت ٻڌاءِ.

**مولوي:** فقير ٻڌ! شيعن جي معتبر ڪتاب ڪشف الغمہ ۾ آهي. امام باقرؒ کان ترار کي چانديءَ سان جڙاء بابت مسئلو پڇيو ويو. امام فرمايو ان ۾ ڪو ڀؤ ڪونهي. (چو ته)

| | |
|---|---|
| وَقَدْ حَلّٰى اَبُوْبَكْرِ نِ الصِّدِّيْقُ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فِيْ سَيْفِهٖ قُلْتُ فَتَقُوْلُ الصِّدِّيْقُ؟ قَالَ فَوَثَبَ وَثْبَةً وَاسْتَقْبَلَ الْقِبْلَةَ وَقَالَ نِعْمَ الصِّدِّيْقُ، نِعْمَ الصِّدِّيْقُ فَمَنْ لَّمْ يَقُلْ لَهُ الصِّدِّيْقُ فَلَا صَدَّقَ اللهُ قَوْلًا فِي الدُّنْيَا وَلَا فِي الْاٰخِرَةِ۔ (ڪشف الغمہ ج٢ ص١٤٧ طبع نجف اشرف. احقاق الحق ج١ ص٢٩ ايران ) | ابوبڪر صديق رضي الله عنه پنهنجي ترار ۾ جڙاء ڪيو هو. (اتي) راويءَ چيو ته توهان به ابوبڪرؓ کي "صديق" ٿا چئو؟ پوءِ امام ٽپو ڏيئي (ڪاوڙجي) اُٿيو ۽ قبلي جي سامهون بيهي چيائين، ڀلو آهي صديق، ڀلو آهي صديق، ڀلو آهي صديق. جيڪو ابوبڪرؓ کي صديق نه چوي ته الله تعاليٰ دنيا ۾ آخرت ۾ ان کي ڪوڙو ڪري. |

فقير! ڏس هن روايت ۾ امام محمد باقرؒ هڪ شرعي مسئلي ۾ جائز ۽ ناجائز جي باري ۾ "صديق" جي فعل کي حجت ۽ دليل طور پيش ڪيو آهي. ان کان سواءِ امامؒ "صديق" جي نالي پٺيان "رَضِيَ اللهُ عَنْهُ" (الله ان کان

راضي ٿيو) جا الفاظ چئي ڪيس الله تعاليٰ جي رضامندي جو سرٽيفڪيٽ ڏنو.

هاٽي شيعه پلي مَڪ جَان منهن مٿو پِٽين، صديق ڪان الله تعاليٰ راضي آهي.

فقير پڌا! شيعن جي معتبر ڪتاب قرب الاسناد ۾ روايت آهي ته حضور صلي الله عليه وسلم عيد نماز خطبي ڪان اڳ پڙهندا هئا. ان ڪان پوءِ هيءَ روايت آهي:

| | |
|---|---|
| قَالَ جَعْفَرُ بْنِ مُحَمَّدٍ قَالَ اَبِىْ فَعَلَ ذَالِكَ اَبُوْ بَكْرِنِ الصِّدِيْقُ بَعْدَهٗ (قرب الاسناد ج۲ ص۴۵ طبع ايران) | امام جعفر صادقؓ فرمايو ته منهنجي والد محمد باقرؓ چيو ته رسول الله ﷺ ڪان بعد ابوبڪر صديقؓ به ان طرح (عمل) ڪيو آهي. |

فقير! هاٽي ڏس امامؒ عيد جي شرعي مسئله ۾ "صديق" جي فِعل کي حجت ۽ دليل طور پيش ڪيو.

**فقير:** بيشڪ! بيشڪ! ابوبڪر رضي الله عنه "صديق" آهي. ۽ الله تعاليٰ ڪانئس راضي آهي. هاٽي سائين پڌايو ته امام جعفر صادقؓ ڪان به اهڙي روايت آهي؟

**مولوي:** فقير هائو! امام جعفرؓ به ڪيس "صديق" ڪوٺيو آهي. هي منهنجي هٿ ۾ شيعن جو معتبر ڪتاب اِحقَاقُ الحَق آهي، جنهن جو مصنف شيعن جو شهيد ثالث قاضي نورُاللهِ شوستري آهي. ان جي ج۱ ص۳۰ طبع ايران ۾ آهي. امام جعفرؓ فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِبُوْبَكْرِنِ الصِّدِيْقُ جَدِّیْ | ابوبڪر صديق منهنجو نانو آهي. |

وري عبدالله بن جعفر حميري قمي جيڪو امام حسن عسڪريءَ جو خاص شاگرد آهي. امام ڪان روايت ٿو آڻي جنهن ۾ هي الفاظ آهن:

| | |
|---|---|
| قَالَ اَخْبَرَنِیْ جَدِّیْ اَلْقَاسِمُ بْنِ مُحَمَّدِ بْنِ اِبْنِ بَكْرِنِ الصِّدِيْقُ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ | امام فرمايو (ته ان مسئلي ۾) منهنجي ناني قاسم بن محمد |

(قرب الاسناد ج۲ ص۲۴)

بن ابي بكر صديق رضي الله عنه مون سان خبر كئي.

**فقير:** واه مولوي واه! جڏهن امامن سڳورنؒ كيس صديق رضي الله عنه كوٺيو تہ حيف هجي انهن جي حال تي جيكي صديق جي گلا ڪن.

**مولوي:** فقير! اچا خيال سان ٻڌ. امام جعفرؓ فرمايو:

وَلَدَنِيْ اَبُوْبَكْرٍ مَرَّتَيْنِ

مون كي ابوبكرؓ ٻن طرحن سان ڄڻيو آهي.

وري شيعن جو محدث سيد نعمت الله جزائري (وفات سنہ۱۱۱۲ھ) لکي ٿو:

اِنَّ الْاَئِمَّةَ عَلَيْهِمُ السَّلَامُ مِنْ نَّسْلِهٖ وَذَالِكَ لِاَنَّ اُمِّ فَرْوَةَ هِيَ اُمُّ الصَّادِقِ عَلَيْهِ السَّلَامُ بِنْتُ الْقَاسِمِ بْنِ مُحَمَّدِ ابْنِ بَكْرٍ

(الانوار النّعمانية ج۱ ص۶۰ طبع ايران)

ابوبكر صديق جي نسل مان آهن. ڇوتہ امام صادقؓ جي والده ام فروه قاسم بن محمد بن ابي بكرؓ جي نياڻي آهي.

**فقير:** بَلي بلي!! واه مٺا واه! سائين! "وَلَدَنِيْ اَبُوْبَكْرٍ مَرَّتَيْنِ" روايت كهڙي كتاب ۾ آهي. ان جي كجھ واضاحت كريو.

**مولوي:** اها روايت شيعن جي معتبر كتابن ۾ آيل آهي. هي ڏس تنقيح المقال ج۳ ص۷۳ مِن فَصلِ النِّسَآءِ، كشف الغمہ ج۲ ص۱۶۱. عمدة الطالب ص۱۹۵. وري ان جي تشريح اصول كافي ج۱ ص۴۷۲ ۽ تهذيب الاحكام ج۶. ص۷۸ طبع ايران ۾ هن ريت آيل آهي:

امام جعفر صادقؓ جو نانو قاسمؒ. حضرت ابوبكرؓ جو پوٽو هو ۽ امام صادقؓ جي ناني اسمآءِ حضرت ابوبكرؓ جي پوٽي هئي. تون هيٺ ڏنل نقشي مان چڱيءَ ريت سمجهي ويندين تہ امام جعفرؓ جي نسب جو سلسلو ابوبكرؓ سان كهڙيءَ ريت ملي ٿو.

ابوبکر صديقؓ — عبدالرحمانؓ — اسماءؓ — ام فروة

علي شير خداؓ — امام حسينؓ — امام زين العابدينؓ — امام محمد باقرؓ

ابوبکر صديقؓ — محمدؓ — قاسمؓ — ام فروة

امام جعفر صادقؓ

فقير! هاڻي تون سمجهي ويو هوندين تہ امامن سڀني جي سيني ۾ صديقؓ ۽ فاروقؓ جي فضيلت سمايل آهي. اهي ٻئي حضورﷺ جا سهرا آهن جيڪي هينئر بہ ساڻس رِيَاضُ الْجَنَّةِ (جنت جي باغ) ۾ گڏ آهن.

**فقير :** اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ! مان بلڪل سمجهي ويس تہ حق ظاهر آهي. پر مون کي سمجهايو تہ توهان رِيَاضُ الْجَنَّةِ ڇاکي ٿا چئو؟

**مولوي :** فقير! رِيَاضُ الْجَنَّةِ مسجد نبويءَ ۾ هڪ زمين جي ٽُڪري جو نالو آهي. جنهن ۾ حضورﷺ جو منبر ۽ ام المؤمنين بي بي عائشہ رضي الله عنها جو گهر بہ داخل آهي. اڄ انهيءَ گهر ۾ حضورﷺ جو روضو اطهر آهي. هاڻي ڪافيءَ جي هيءَ روايت پڙهو. امام جعفرؓ روايت ٿو ڪري تہ حضورﷺ جن فرمايو:

| | |
|---|---|
| مَا بَيْنَ بَيْتِيْ وَمِنْبَرِيْ رَوْضَةٌ مِّنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ۔ (فروع کافی ج4 ص554 کتاب الحج) | منهنجي گهر ۽ منهنجي منبر جي وچ واري جاءِ جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي. |

راوي امامؒ کان سوال ڪيو تہ سائين جنهن بيت (گهر) جو هتي ذڪر آهي:

هِيَ رَوْضَةُ الْيَوْمَ؟ قَالَ نَعَمْ | (اتي تہ) اڄ رسول الله ﷺ جو روضو آهي؟ امام فرمايو هائو (اها روضي واري جاءِ جنت جو ٽُڪرو آهي.)

فقير! اها روايت اهل سنت جي ڪتاب مشڪواة شريف جي بَابُ الْمَسَاجِدِ ۾ بہ آيل آهي. هاڻي تون ڏس صديق ۽ فاروق جو ڪيڏو نہ شان آهي. جو اڄ بہ روضي اطهر ۾ پنهنجي حبيب سان گڏ جنت جي باغ ۾ آرامي آهن. ڪوبہ ڪين جدا ڪري نٿو سگهي. دنيا جا مسلمان گنبذ خضرآء تي حاضر ٿي مٿن سلام پڙهن ٿا.

(سواءِ شيعن جي) وري جڏهن سيدالمرسلين ﷺ روضي پاڪ مان اُٿندو. تڏهن بہ ساڻن هڪ پاسي "صديق" تہ ٻئي پاسي کان "فاروق" سندن ڀاڪُر ۾ هوندا.

**فقير:** سبحان الله! واه واه!! حق آ سائين حق آ!! جڏهن سُني شيعہ ٻنهي جي معتبر ڪتابن ۾ اها روايت موجود آهي تہ ان جو انڪار ڪري نٿو سگهجي. هاڻي تہ سائين! منهنجي دل جو غُبار ٿي لهي ويو. عالم سُونهارا! شيعن جي ڪتابن ما اهڙي ڪا روايت ڏيکار جنهن مان حضرت عثمانؓ جي فضيلت معلوم ٿئي.

**مولوي:** ڏِڪڻ فقيرا! ٻڌ شيعن جي معتبر ڪتاب روضة ڪافي ۾ آهي حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت عثمانؓ کي بيت الله جي طواف ۽ عمري جي اجازت وٺڻ لاءِ مڪي شريف سفير ڪري موڪليو پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ وڻ هيٺان مسلمانن کان بيعت وٺڻ شروع ڪئي. (حضرت عثمانؓ جي غير حاضريءَ ۾)

وَضَرَبَ بِاِحْدٰى يَدَيْهِ عَلَى الْاُخْرٰى لِعُثْمَانَ | رسول الله ﷺ جن پنهنجي هڪ هٿ کي ٻئي هٿ تي هڻي، عثمانؓ جي (پَرِ پُٺ) بيعت ڪئي.

مسلمان چوڻ لڳا عثمانؓ کي مبارڪ هجي. جنهن ڪعبي جو طواف ڪيو ۽ صفا مروه ڊوڙيو. (ان تي) رسول الله ﷺ فرمايو عثمانؓ (اسان کانسواءِ) اڻين نہ ڪندو. پوءِ جڏهن حضرت عثمانؓ آيو تہ حضور ﷺ پڇيس تہ "عثمان! تو ڪعبي جو طواف ڪيو؟ عرض ڪيائين تہ مان ڪيئن ڪندس، جو اڃا رسول الله ﷺ طواف ڪيو ئي نہ آهي" (روضة الڪافي ص ٣٢٥ ايران)

فقير! هن روايت مان حضرت عثمانؓ جي فضيلت ظاهر آهي. ڇو تہ حضور ﷺ پنهنجي هٿ کي حضرت عثمانؓ جو هٿ بڻائي پر پُٽ بيعت ڪئي ۽ کيس خاص پنهنجو سفير ڪري مڪي جي مشرڪن ڏانهن موڪليو. حضرت عثمانؓ عاشق وري اهڙو جو چيائين تہ مان حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم کان سواءِ اڪيلو طواف ڪيئن ڪريان.

**فقير:** واهہ واهہ!! بيشڪ بيشڪ!! حضور ﷺ جو سفير ۽ عاشق آهي. سائين! اوهان سُني چوندا آهيو تہ حضور ﷺ جون ٻہ نياڻيون حضرت عثمانؓ جي نڪاح ۾ آيون آهن. ڀلا اهڙي وضاحت شيعن جي ڪتابن ۾ بہ آهي؟ رڳو ڪتابن جا نالا ٻڌايو. بس!

**مولوي:** فقير! شيعن جي ڪتابن ۾ واهہ جي وضاحت ٿيل آهي. حضور ﷺ جن پنهنجون ٻہ نياڻيون رقيہ ۽ امّ ڪلثوم رضي الله عنهما حضرت عثمانؓ جي نڪاح ۾ ڏنيون آهن. رقيہؓ ٻي هجريءَ ۾ بيماريءَ سبب مديني منوره ۾ وفات ڪئي. پوءِ ٽينءَ هجريءَ ۾ حضور ﷺ جن ٻي نياڻي ام ڪلثومؓ کيس نڪاح ۾ ڏني. ان ستينءَ هجريءَ ۾ وفات ڪئي. هاڻي هي ڏس شيعن جا معتبر ڪتاب ۽ چوٽيءَ جا ڪتاب جن ۾ تصريح ٿيل آهي:

❶ خصال شيخ صدوق ج٢ ص١٦٧ مطبوع ايران. مصنف شيخ صدوق قمي

❷ نهج البلاغہ ج١ ص ٣٢٢ مطبوع ايران ڪلام علي ڪرم الله وجهہ

❸ حيات القلوب ج٢ ص ٥٨٨ مطبوع ايران باقر مجلسي

❹ مُنتهي الآمال ج١ ص ١٠٨ مطبوع ايران شيخ عباس قمي

⑤ قرب الاسناد ص ٦ مطبوع ايران عبدالله بن جعفر قمي
⑥ مناقب آل ابي طالب ج٢ ص ١٦٢ مطبوع ايران ابن شهر آشوب
⑦ الانوار النعمانيه ج١ ص ٣٦٧ مطبوع ايران مصنف محدث نعمت الله جزائري
⑧ ناسخ التواريخ ج٣ ص ٢٦٨ مطبوع ايران مرزا محمد تقي سپر
⑨ تفسير مجمع البيان ج٢ ص٢٣٣ مطبوع ايران علي بن حسن طبرسي
⑩ تنقيح المقال في علم الرجال ج٣ ص٧٣ طبع نجف اشرف عبدالله مامقاني.

فقير! هاڻي ڇا ٿو چوين؟

**فقير:** واه واه!! بيشڪ اهي اسان جي مذهب جا معتبر ڪتاب آهن پر منهنجا مٺا! انهن مان ڪو حوالو ته پڙهي ٻڌاءِ ته فقير جي روح کي راحت حاصل ٿئي.

**مولوي:** فقير! ڏس هي منهنجي هٿ ۾ شيعن جو وڏو ڪتاب نهج البلاغه آهي. جنهن ۾ حضرت عليؓ جا خطبا جمع ٿيل آهن. ان ۾ لکيل آهي ته حضرت عليؓ حضرت عثمانؓ کي ساراهيندي فرمايو:

| | |
|---|---|
| أنت أقرب إلى رسول الله صلى الله عليه و آله و سلّم وشيجة رحم منهما ، و قد نلت من صهره مالم ينالا<br>(نهج البلاغه ج١ ص ٣٢٢ طبع ايران) | (عثمان) تون رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کي مائٽيءَ ڪري (ابوبڪرؓ ۽ عمرؓ کان) زور ويجهو آهين تون رسول اللهﷺ جي ڄاٽي هجڻ جي شرف کي پهتو آهين. ۽ اهي ٻه ڄاٽا نه آهن. |

ان جي شرح ۾ مصري عالم شيخ محمّد عبده لکي ٿو:

| | |
|---|---|
| لانه تزوج بنتى رسول اللهﷺ رقية وأم كلثوم ، توفيت الاولى فزوجه النبى بالثانية ولذا سمى ذا النورين . وغاية مانال | ڇو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جون ٻه نياڻيون رقيهؓ ۽ ام ڪلثومؓ حضرت عثمانؓ جي |

الخليفتان أن النبی تزوج من بناتهما.
(حاشيه نهج البلاغة ص ٣٢٣)

نڪاح ۾ آيون آهن. هڪ فوت ٿي ويئي تہ پوءِ نبي ڪريم ﷺ ڪيس ٻيءَ سان شادي ڪرائي. تنهنڪري ئي ذي النورين يعني ٻن نورن وارو سڏجي ٿو. ابوبڪرؓ ۽ عمرؓ ٻئي خليفا ان شرف کي نہ پهتا. انهن جون نياڻيون (عائشہؓ ۽ حفصہؓ) نبي ڪريم ﷺ جي نڪاح ۾ آيل آهن.

فقير! هاڻي تہ چٽائي ٿي ويئي تہ شيعن جي ڪتابن حضرت عثمانؓ کي ذوالنورين ڪوٺيو آهي.

**فقير:** الله اڪبر! شيعن جي ڪتابن حضرت عثمانؓ کي ذي النورين بہ ڪوٺيو آهي. سائين! دل جا خدشا تہ گهڻا نڪري ويا. پر وري ڪالهہ هڪ سُني عالم ٻڌايو تہ حضرت عليؓ ۽ بيبي فاطمة الزهريؓ جي نياڻي ام ڪلثوم جو نڪاح عمر فاروقؓ سان ٿيو آهي. سائين! ان نڪاح جي ڪجهہ وضاحت ڪريو.

**مولوي:** اها حقيقت صحيح آهي تہ ام ڪلثوم بنت عليؓ ۽ فاطمة الزهريؓ رضي الله عنهما جو نڪاح عمر بن خطابؓ سان، سندس خلافت جي دور ۾ ٿيو آهي. ان نڪاح کي شيعن جا معتبر ڪتاب سچ جيان چمڪائي رهيا آهن. حضرت عمرؓ جي وفات کان پوءِ حضرت عليؓ پنهنجي نياڻي ام ڪلثوم کي عدت ۾ ويهارڻ لاءِ گهر وٺي آيو. ان کان پوءِ سندس نڪاح محمد بن جعفر بن ابي طالب سان ٿيو. فقير ان نڪاح جي ثابتي شيعن جي هيٺين ڪتابن ۾ موجود آهي. ڏس هي ڪتاب:

(١) تهذيب الاحڪام ج٩ ص ٣٦٢ طبع ايران مصنف شيخ طوسي.

(٢) قرب الاسناد ج٢ ص ١٠٩ طبع ايران مصنف عبدالله بن جعفر حميري قمي.
(٣) ناسخ التواريخ ج٤ ص ٢٢٤ طبع ايران مؤرخ مرزا محمد تقي سپر
(٤) مناقب آل ابي طالب ج٣ ص٣٠٤ طبع ايران مصنف ابن شهر آشوب.
(٥) مُنتهي الأمال ج١ ص١٨٦ طبع ايران مصنف شيخ عباس قمي
(٦) الاستبصار ج٣ ص٣٥٢ طبع ايران مصنف شيخ ابو جعفر طوسي
(٧) فروع كافي ج٦ ص١١٥ كتاب الطلاق مصنف محمد بن يعقوب كليني
(٨) مجالس المؤمنين ص٨٢ قاضي نورالله شوستري شهيد ثالث
(٩) الانوار النعمانيہ ج١ ص ٣٧١ محدث سيد نعمت الله جزائري
(١٠) عمدة الطالب ص٦٣ سيد جمال الدين احمد (وفات سن ٨٢٨هـ)
(١١) شرائع الاسلام شرح مسالك الافهام كتاب النكاح شهيد ثاني
(١٢) تنقيح المقال في علم الرجال ج٣ ص٧٣ نجف اشرف عبدالله مامقاني.

فقير! اهي حوالا كافي آهن. هاڻي ايترو سمجهه تہ اسلام ۾ كنهن بہ مؤمنياڻيءَ جو نكاح كنهن كافر، مشرك يا منافق سان جائز نہ آهي. حضرت عليؓ پنهنجي نياڻي امام حسينؓ جي سڳي ڀيڻ، حضرت عمرؓ كي نكاح ۾ ڏيئي ان جي كامل ايمان جي تصديق كئي تہ عمرؓ نفاق كان پاك آهي.

**فقير:** سائين! كالهہ اوچتو ذاكر زِيپڻُ رستي ۾ ملي ويو تنهن چيو تہ مولوي عمر ائين چوڻو چوي تہ حضرت عليؓ جي ياڃائيءَ جو نكاح ابوبكرؓ سان ٿيو آهي. سائين! اوهان ائين چيو آهي ڇا؟

**مولوي:** فقير! مان برابر ائين چيو آهي. ذاكر پنهنجي مذهب مان ذرو بہ نٿو ڄاڻي. سندن كتابن ۾ اهڙي وضاحت ٿيل آهي. فقير! هاڻي ٻڌ اسماء بنت عُميسؓ، حضرت جعفر بن ابي طالب جي نكاح ۾ هئي. ان مان كيس ٽي پٽ عبدالله، محمد ۽ عون پيدا ٿيا. جعفر سنہ ٨هجري وفات كئي. ان كان پوءِ

اسماءِ جو نڪاح ابوبڪر صديقؓ سان ٿيو. جنهن مان محمد نالي فرزند نالي پيدا ٿيو. صديق جي وفات کان پوءِ اسماء جو نڪاح حضرت عليؓ سان ٿيو جنهن مان يحيٰ نالي پٽ ڄائو. ٽنهي خاندانن مان ڪابہ نياڻي پيدا نہ ٿي. ان نڪاح جي تصريح شيعن جي هيٺين ڪتابن ۾ آيل آهي:

① نهج البلاغہ ج٢، ص٦٢ حاشيہ محمّد عبده
② من لا يحضره الفقيه ج٤ ص ٢٨ حاشيہ
③ فروع ڪافي ج٣ ص ٩٨ ڪتاب الحيض محمد بن يعقوب ڪليني
④ جلآء العيون ج١ ص٢٢٦ باقر مجلسي
⑤ مُنتهي الاٰمال ص٢١٣ شيخ عباس قمي
⑥ ناسخُ التّواريخ ج٤ ص١١٨ مرزا محمد تقي سپر
⑦ تنقيح المقال ج٣ ص٦٩ عبدالله مامقاني

فقير! ان نڪاح مان ثابت آهي تہ حضرت عليؓ پنهنجي ياڄائي حضرت ابوبڪرؓ کي ڏيئي ان جي ڪامل ايمان جي تصديق ڪئي، جي صديقؓ مؤمن نہ هجي ها تہ شير خداؓ پنهنجي ياڄائي ڪيس نڪاح ۾ هرگز نہ ڏئي ها.

**فقير** : واه واه! ڳالھ حق جي آهي. حضرت عليؓ حضرت عمرؓ کي مؤمن سمجهي ڪيس پنهنجي نياڻي امّ ڪلثوم نڪاح ۾ ڏني تہ حضرت ابوبڪرؓ کي بہ مؤمن سمجهي ڪيس پنهنجي ياڄائي نڪاح ۾ ڏني. ڀلا سائين اها ڪهڙي اسماء هئي جنهن فاطمة الزهريؓ جي آخري وقت ۾ خدمت ڪئي؟

**مولوي** : فقير! اِهائي اسمآءِ بنت عُميسؓ هئي، جنهن جو نڪاح صديق سان ٿيو آهي. ڏس هي ڪتاب جلآء العيون ج١ ص٢٤٠، منتهي الاٰمال ج١ص١٣٧ وغيره. اتان تون سمجھ تہ جي حضرت ابوبڪرؓ کان فاطمة الزهريؓ ناراض هجي ها تہ سندس گهرواريءَ اسماءِؓ کان هرگز خدمت نہ وٺي ها. وري جي حضرت ابوبڪر صديقؓ حضرت بيبي فاطمةؓ کان ناراض هجي ها تہ اسماءِؓ کي خدمت لاءِ موڪل نہ ڏئي ها.

**فقير:** منهنجا مٺا! هاڻي آءٌ سمجهي ويس تہ ٽن خليفن جي فضيلت، عزت ۽ عظمت حق آهي. شيعا بلڪل انهن جا دشمن آهن. مان هاڻي سندن مذهب کان بيزار آهيان. ٿورو ترسو تہ مان وڏيري واليڏني ۽ جاڻڻ جمعدار کي وٺي اچان تہ ان جي روبرو پنهنجي مذهب ڇڏڻ جي حقيقت عرض رکان.

(فقير ٻنهي کي وٺڻ وڃي ٿو. ٽئي اوطاق ۾ اچن ٿا. وڏيرو مولوي صاحب کي سلام ڪري ٿو)

والڻ وڏيرو: مولوي صاحب! السّلام عليڪم

**مولوي:** وعليڪم السّلام والڻ وڏيرا ۽ جاڻڻ جمعدار ڏيو ڪا خبر چار.

والڻ وڏيرو: سائين! خبرون خير جون. ڍڪڻ فقير آيو جنهن چيو تہ مان پنهنجو مذهب ڇڏيان ٿو. سو توهان مولوي عمر عمراڻيءَ جي اوطاق تي اچو تہ مذهب ڇڏڻ جي حقيقت عرض رکان پيو خير.

**مولوي:** وڏيرا! اوهان ڪانئس پڇو تہ حقيقت بيان ڪندو.

وڏيرو: اڙي ڍڪڻ فقير! تون شيعہ مذهب ڇوٿو ڇڏين؟

**فقير:** وڏيرا! مان ذاڪر زِيپڻ جي صحبت ۾ اچي شيعہ مذهب اختيار ڪيو. جنهن جي صحبت ۾ "هي ڏس" مون ڪارا ڪپڙا ڪيا، هٿن ۽ پيرن ۾ لوهہ جون ڪڙيون پاتيون. مُڇون ڊگهيون رکيون ۽ چوندو هوس تہ هي "حيدري مُڇون" آهن. صبح جو سويل اُتي عَلم (جهنڊي) جي سامهون بيهي ٻانهون ٻڌي علي! علي!! علي!!! ڪري هليو ايندو هوس. ذاڪر زِيپڻ چوندو هو تہ تون حيدر جو حبدار آهين. هي مولوي محمّد عمر منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي. اتفاق سان ان جي اوطاق ۾ اچڻ ٿيو. مذهبي بحث ڪندي مولوي صاحب مونکي شيعن جي ڪتابن مان ٽن خليفن جي فضيلت ٻڌائي، شيعا انهن جا سخت دشمن آهن. مان اهي ڳالهيون ٻڌي شيعہ مذهب کان توبھ ڪئي ۽ اڄ کان وٺي مان سُني آهيان.

والڻ وڏيرو: جمعدار! فقير ڏاڍو سٺو ڪيو. فقير توکي مبارڪ هجي جو تون اهڙي مذهب کان توبه ڪئي آهي... مولوي صاحب! هاڻي فقير کي ڪا نصيحت ڪريو.

**مولوي :** فقير! توکي لک لک مبارڪون هجن جو تون مغضوب (ڏمر ڪيل) فرقي کا توبه ڪري سُني ٿيو آهين. شيعن کي امام موسيٰ ڪاظمؒ ٻ پاراتو ڏنو آهي. ڏس هي ڪتاب اصول ڪافي ج١ ص٢٦٠ طبع ايران.

ان اللّٰہَ عَزَّوَجَلَّ غَضَبَ عَلَی الشِّیْعَۃِ | (امام فرمايو) شيعن تي الله جو ڏمر آهي.

فقير! هاڻي گهر وڃي ڪارا ڪپڙا لاهه ۽ لوهه جون ڪڙيون لاهي ڇڏ ۽ مُڇون ڪٽاءِ. انهن جي سخت منع آهي. جي توکي ڪتاب ڏسڻو آهي تہ عبدالرحيم پنّي جو لکيل ڪتاب "شيعا جلد ڏي جواب پڙهي سُنيءَ جو ڪتاب" گهرائي پڙهہ.

**فقير :** مولوي صاحب! هاڻي خير جي دعا گهرو. مان گهر وڃي مُڇون ٻہ ڪٽايون ٿو. ڪارا ڪپڙا ۽ ڪڙيون ٻہ لاهيان ٿو ۽ پنهنجو نالو مٽائي محمّد عثمان رکايان ٿو.

**مولوي :** فقير! چڱو ٿيو جو نالو مٽايئي. هاڻي سڀ ڪچهريءَ وارؤ! سهڻي سردار محمد مصطفيٰ ﷺ تي صلوٰة پڙهو.

اللهُمَّ صَلِّ عَلیٰ سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِہٖ وَاصحابہ وبارك وسلم ربنا لاتزغ قلوبنا بعد اذ هديتنا وهب لنا من لدنك رحمة انك انت الوهاب۔

ناظرين ڪرام! هن رسالي ۾ شيعن جي ڪتابن مان جيڪي حوالا ورتا ويا آهن. سي ڪتاب مون وٽ موجود آهن. شال الله تعاليٰ هن رسالي کي هدايت جو سبب بنائي. (آمين).

آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين والصلاة والسلام على سيد المرسلين وعلىٰ اله واصحابه اجمعين۔

(عبدالرّحيم پنّو)

ڪتاب پورو ٿيو.

WWW.SUNNILIBRARY.COM
دفاع صحابہ ورد رافضیت
علماء اہل سنت کی تحقیقی کتب
فری ڈاؤنلوڈ
آن لائین پڑھیں۔